# ستيءَ جو چبوترو

بنارس يونيورسٽيءَ جي ليڊيز هاسٽل ۾ ليلا ديديءَ جي ڏاڍي عزت هئي. اڪثر ڇوڪريون ڪيس وڪوڙي ويندڀون هيون ته "هن ڳالهه جو مطلب ڇا، هيءَ ڳالهه ڪيئن آهي."

ليلا ديدي ايم اي جي آخري سال ۾ هئي. اڄ ڪيس بي اي جي ڇوڪرين پڪڙي ويهاريو هو ته هوءَ کين اهو رازٻڌائي ته هاسٽل جي بلڊنگ پٺيان ڪمپائونڊ جي پٽ وٽ جيڪو باغيچو هو تنهن ۾ ڇوڪريون پڙهڻ لاءِ ڇو ويندڀون آهن. ليلا ديدي کلڻ لڳي "پلا اهو به ڪو سوال آهي، باغيچي ۾ هوا سٺي آهي، وڻن، خاص ڪري ليمن جي وڻن مان خوشبوءِ پئي اچي. اڪيلائي شانتي... پڙهڻ ۾ چت لڳائڻ لاءِ اهڙي وايو منڊل جي ته ضرورت آهي."

"نه" وشنيءَ ضد ڪيو، "ضرور ٻيو به ڪجهه هوندو. خاص ڪري نيلما کي اتي ستيءَ جي چبوتري تي وينل ڏسي، مون کي شڪ پوندو آهي ته انهي چبوتري تي ويهي پڙهڻ ۾ ڪوئي راز هوندو.

اجان لفظ وشنيءَ جي وات ۾ئي هئا جو صندل تي وينل سڀ ڇوڪريون ليلا سميت ماٺ ٿي ويون. سڀني جي نظر نيلما تي هئي جيڪا پنهنجي روم مان نڪري صندل وٽان هلندي مٺي مرڪ ۽ گلاب جي سڳنڌ ڦهلائيندي هلي وئي. ڏٺي پاسي وارين ڪوٺين طرف جتي سندس ئي ڪلاس جي هڪ فرسٽ ييئر فيلو رهيل هئي.

صندل تي وينل ڇوڪرين کان سيسڙاٽ نڪري ويو. ڪنهن چيو، "شيطان جي باري ۾ ڳالهاءِ ته شيطان حاضر."

ليلا ديديءَ وات سان چه چه ڪري چيو، "ڪير پلا هن گلاب جي گل کي شيطان سان مشابهت ڏيڻ جي همت ڪندو."

ڪلنڊي ڪلنڊي سيني چيو، ”هلو ٽمباغ ۾ هلي ستيءَ جي چبوتريءَ تي محفل مچايون.
ڏسون نيلما اسان کي پير رکڻ ڏئي ٿي چبوتري تي.
هي ستن سيتلائن جو ميڙاڪو جڏهن باغ ۾ پهتو، تڏهن پري کان ڏسي مڱگيءَ چيو
”ڏسو ڏسو، نيلما آسمان ۾ ڪجهه ڳولهي پيئي...“
هن ميڙاڪي کي ويجهو ايندو ڏسي نيلما اٿي کڙي ٿي ۽ يڪدم وٺن پنيان ڦري واپس
هاسٽل ۾ هلي ويئي. سيني نيلما کي ڏس ڪيا پر هوءَ غائب ٿي ويئي.
ليلا ديديءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو ”ويچاري.“
مڱگيءَ ڪجهه انگريزي ڪجهه هنديءَ ۾ چيو، ”هيءَ ته حد آهي، توهين سڀ هتي اچي
وينيون نيلما کي ملڻ لاءِ ۽ هوءَ ڀڄي ويئي. پوءِ به ديدي چوي ٿي ”ويچاري“ چوڻ کپي
ٽيڪنبر مڱنرس“
ليلا ديديءَ جي هاسٽل جي شاگردن ۾ ايڏي عزت هئي جو مڱگيءَ جو هن طرح ڳالهائڻ
سيني کي ڏاڍو ڀبرو لڳو.
ليلا ديديءَ صبر سان چيو، ”ويچاري“ چو چيو ”اها توکي خبر آهي؟“
”هن اسان کي ڪجهه نه چيو ميدان ڇڏي ويئي انکري ويچاري هونديءَ بيو ڇا؟“
”نه ليئن ڪانهي. توکي خبر آهي ته نيلما ودوا آهي.“
مڱگي وات تي هٿ رکي چيو، ”او، نو، نه، نه.“
”توکي خبر آهي ته هتي وڌوا جي ڪهڙي حالت آهي؟“
مڱگيءَ پريشانيءَ ۾ چيو، ”مگر هيءَ هيتري ننڍي، هن جي ته مون سمجهو اجان شاديءَ ئي
نه ٿي هوندي.“

ڪنڌ سان هاڪار ڪندي ليلا ديديءَ چيو، ”هنجي شاديءَ ڪيترائي ووٽ چوندا آهن. ڏاڍي وڏي راڄڪي خاندان مان آهي نيلما. سندس پيءُ کي ڪنهن سبب پئسن جي ڏاڍي تڪڙي ضرورت پيئي هن ڪيس هڪ وڏي زميندار سان پرڻائي ڇڏيو.“

هڪ عجيب ماٺ ڇانئجي ويئي ستيءَ جي چبوتري مٿان. چوڌاري وڻن ۾ ڪن جهرڪين جي چون چون جو ڌنڌڻ ۾ اچڻ لڳي. ليمن جي وڻن مان سرهاڻ هوا سان ڪجهي اچي هنن ڇوڪرين جي ميڙاڪي جو وات ڪٿو ڪيو.

مئگي ڏاڍي ويچار ۾ هئي. ڪو ڪيلا ڪيس ڏونڌاري چيو، ”هلو هلي گنگا ڪناري وهون سج لهڻ جو نظارو ڏسون...“

مئگيءَ چپ تي آڱر رکي چيو، ”پر ليلا ديدي، توهان جي انڊيا ۾ ليئن چو آهي، جو مرد وري وري پيا شاديون ڪن، مسلمان ته جيئري تي جيئريون شاديون ڪن، ليڪن زالن لاءِ وڌوا ووٽ پاپ آهي؟“

سيني ڇوڪرين پنهنجي پنهنجي آواز ۾ هن ٽاپڪ تي ڳالهايو. جوش ۾ اچي ميران چيو، ”ڇا هن نيلما کي زندگيءَ ۾ ڪي ارمانئي نه هوندا؟“

ليلا ديديءَ هڪ اداس کل اچلي چيو، ”ان ڪان گهٽا ارمان هنن ڇوڪرن جي هاسٽلن ۾ جاڳڻ شروع ٿيا آهن...“

”مطلب؟“ مئگيءَ پڇيو.

”ڇوڪرن ايڏا خط لکڻ شروع ڪيا آهن جو هاسٽل جي ماتا جي ته ڪڪ ٿي پيئي آهي. هڪڙو خط ته نيلما ڪيترا نوٽيس بورڊ تان مليو هو. هڪڙو خط ته نيلما ڪيترا نوٽيس بورڊ تان مليو هو. مون کي اچي ڏيکاريو ويچاريءَ.“ ڇوڪرين وٽي ليلا ديديءَ کي ڏونڌاريو ڀڌاءِ ڇا لکيل هو. لکيل هو، ”تون جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ رستي تان لنگهندي آهين، تڏهن ليئن لڳندو آهي رستي جي ڏامر مان شعاع نڪرڻ لڳندا آهن. رستي جو رنگ

مٿي بدلجي سونهري پيلسرو ٿي ويندو آهي. لڳندو آهي ساري يونيورسٽيءَ جا سڀ روڊ رستا تنهنجي قدمن وٽان ئي ڦٽن ٿا ۽ تنهنجن پيرن کي ڇهي ڪري اهو ڪرتارپڙو ڪنيون پري پري تائين هليا پيا وڃن. ڪيترو اڃا ۽ ملائم آهن تنهنجا پير. هر قدم سان تنهنجي چال هڪ عجيب اندر جال پئدا ڪندي اسان جي هاسٽل ڏي اچليندي ويندي آهي. اسين جوان ان مهل انهي سترنگي جال ۾ ڦاسي سن ٿي ويندا آهيون. رجني گنڌا جي ٿارين جهڙيون تنهنجون ٻانهون, هوا کان هلڪي ڪومل بدن جي ٻنهي پاسي لهرائينديون هلنديون آهن تڏهن لڳندو آهي تنهنجين آڱرين ۾ رجني گنڌا جون ٻند مکڙيون کلڻ لاءِ آتيون آهن. هي مکڙيون کلڻ کان اڳئي هيڏي سڳنڌ ٿيون ڦهلائينديون وڃن ته جڏهن ڪنهن گلي جو سپرش ڪري کلي پونديون تڏهن ڪهڙي هوندي اها سڳنڌ, ساري پرٿوي جل ٿل آڪاس سڳنڌ جو ساگر لهرائي اٿندو ان مهل. اهو ڀاڳيشالي شخص تڏهن ساري سنسار کان وڌيڪ سنئي رکندو انهن ڪومل گلابي اڌرن ٿي... اٽپوتيل پرڪاش پريون اکيون جڏهن انهيءَ پياري ڏي ڏسنديون تڏهن سونا ورق ڪنهن ٻرقي حرڪت سان جري ڇڏيندا هن جو جيءُ...“

ليلا ديديءَ واتان خط جو هيڏو ٻيان ٻڌي ٻيون سڀ ته منتر مگڌ ٿي ٿي ويئون پر مٺگي ڏاڍي مونجهاري ۾ اچي ويئي. ڇٽپٽائي چيائين, ”پر هن ڇوڪريءَ جي وري شادي ڪرڻ ۾ ڪهڙو گناهه آهي؟“

سيني ڇوڪرين اهڙي ڳالهه جي جواب لاءِ ليلا ديديءَ ڏي منهن ڪري ڇڏيو.

ليلا ديدي پهرين ته ڪا ڪن مٺگيءَ طرف ڏسندي رهي, پوءِ آهستي چيائين, ”نيلما تمام وڏي گهراڻي جي ڇوڪري آهي, جتي ٻي شاديءَ کي گهر گهلائي سمجهيو ويندو آهي. هوءَ ته هن عمر ۾ ڇئن ٻارن جي ماءُ آهي.“

رڙ نڪري ويئي ڪاليجي ڪڪين ڪان- ليلا ديديءَ کي ڪل اچي ويئي. سڀ جدا جدا فتوئون ڏيئي رهيون هيون تهبار ماڻيجا هوندا يا سندس پيءُ پينر هوندا... ليلا چيو، ”نيڪڪي سمجهيو اٿو. نيلما جي پيءُ کي ڪنهن واپار ۾ گهاٽو پئجي ويو جنهن پلي مانس کان قرض وٺي گهر نيلام ٿيڻ کان بچائي سگهيو. انهيءَ جي زال مري ويئي هئي ۽ نيلما لاءِ گهر ڪيئين. شاديءَ کي 12 مهينئي ڪين ٿيا هئا جو اهو وڏو خانداني زميندار راهه ربّاني وٺي ويو. نيلما جي ڳوٺ وارين ساهڙين زالن ته چيو هيڏي سونهن ڪٽي ڇوڪري مڙس کان سواءِ بربار ٿي ويندي سندس عمر جيڏا تهه پٽئي گهر ۾ اٿس. هن کي ستي ڪرڻ گهرجي.

هاڻي ته ڇوڪرين کان ذري گهٽ ڪيڪ نڪري ويئي، مئگي ته الاهي گاريون انگريزي ڊڪشنريءَ مان شايد ياد ڪري رکيون هيون سي سڀ نيلما جي ماءُ پيءُ کي ڏيئي ويئي. ليلا مئگيءَ جي گوڏي تي هٿ رکي، کيس ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ڳالهه جي پڇاڙي ڪندي چيئين، ”پيءُ سندس ڪجهه نون ويچارن جي پوٽي پڙهڻ شروع ڪئي آهي سو ڌيءَ کي پاڻ وٽ وٺي آيو ۽ يڪدم هتي ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏنئينس.“

مئگيءَ ڇاتيءَ تي هٿ رکي چيو، ”منهنجا ڀڳوان، ڇا ته ڇوڪريءَ جي سونهن آهي ٺاٺا اٿس ڳل ۽ چپ تهرلبر چيري لپس اٿس چمڙي ته اهڙي اڇي لسي اٿس جهڙو مکڻ.“

”فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪئي اٿيئي شايد.“ هڪ ڪڪيءَ مئگيءَ کي ٺوڪ هنئين. مئگي تپي ويئي- ”هي آهي ڪلچر، هي آهي انڊين ڪلچر. جيڪو سکي اچڻ لاءِ پئدڻيءَ مون کي هنبنارس يونيورسٽيءَ ۾ موڪليو آهي؟“

”ڏيرج ڏيرج، منهنجي مٺي مئگي، پلا تنهنجي ڪلچر ۾ اهو ته هوندو ته جيڪو ٺوڪ هڻي تنهن کي چرچي سان جواب ڏجي...“

مئگي منهن سجائي ويٺي رهي.

هڪ سڪيءَ ڏانهس يڪ ٽڪ ويٺي نهاريو. انهي چيو، ”پوءِ مئگي چو، مينگهي تنهنجو نالو آهي انسان چو نہ سڏيون توکي؟“

”او نو نو نوٽبارن وانگر مئگيءَ انگل ڪيو. اوچتو چيلٽين ٽباقي هڪ ڳالهہ هن نيلما مبلبت هيڏيون سڀ خبرون ڪين پيون توهان کي؟“

”اڙي واهہ“ ليلا ديدي ساڙهي چندي اٿيبيني ”رامايڻ پورو ٿي ويو هاڻي ٿي پچين رام ڪير هو“

مئگي ليلا ديديءَ جيبانهن ڪٽي جهلي.... آخر ليلا ديديءَ کي چوٽو ٿي پيو، ”مانبہ نيلما جيئي ڳوٺ جي تہ آهيان“

چرڪ پرجي ويو سيني کان.